ڊاڪٽر غلام حسين پٺاڻ

شاهہ جي ڪلام جي سرن جي ترتيب تي هڪ نظر

شاهہ جي رسالي جي هر سر ۾ نصيحت سمايل آهي. ڪٿي سالڪ کي سلوڪ جا راز ٿو ڏسي ڪٿي سالڪن کي عملي طور تي انهن سان محبت ڪندي خطائون ٿو ڪري ۽ ڪٿي معرفت جو ماڳ ٿو ماڻائي. لفظي معنيٰ جي لحاظ کان سلوڪ معنيٰ رستي تي هلڻ، طرز عمل، محبت، نيڪي، خير خواهي. تصوف جي اصطلاح ۾ سلوڪ معنيٰ حق تعاليٰ جو قرب گهرڻ يا حاصل ڪرڻ يا تلاش ڪرڻ آهي. ”اهڙي ريت سلوڪ ۾ حق تعاليٰ جو قرب ۾ تڏهن حاصل ڪري سگهندو جڏهن ڪنهن پهتل شخص يا ڪنهن معرفت جي مقام حاصل ڪيل مرشد جي هدايل راهہ تي هلي، اهڙو طرز عمل اختيار ڪجي جو انهن جو قرب حاصل ٿئي“ انهي طرز عمل اختيار ڪرڻ لاءِ ضروري آهي تہ انهي جي مخلوق سان ۾ محبت، نيڪي ۽ خير خواهي سان پيش اچجي ۽ اهوئي الله جي قرب حاصل ڪرڻ لاءِ مدد گار ۽ آسان طريقو آهي. اهڙي ريت سالڪ جي معنيٰ ٿي تہ اهو شخص جو تصوف جي رستي هلي معرفت جو مقام حاصل ڪرڻ وارو ٿئي جنهن ۾ نيڪي خيرخواهي، نوڙت نهٺائي ۽ قرباني ڏيڻ جهڙيون خوبيون هجن. ٻورن لفظن ۾

انهن جو قرب حاصل ڪرڻ لاءِ پاڻ کي وڃائي فنايت حاصل ڪرڻ آهي. جنهن لاءِ شاهه چوي ٿو ته :

مري، جيءُ ته سائين، جانب جو جمال،
ٿئين هوند حلال، جي پند اهائي پارئين.

شاهه صاحب صوفين بابت چوي ٿو ته :

صوفيءَ صاف ڪيو، ڏوئي ورق وجود جو،
تهان پوءِ ٿيو، جيئري پسڻ پرينءَ جو.

معرفت جي منزل جيئن ته تمام اڙانگي هوندي آهي جنهن لاءِ سالڪ کي هر منزل ڏسي وائسي قدم رکڻو هوندو آهي ڇو ته سالڪ کي هر قدم تي خوف خطرا، دنيوي لالچون ۽ نفسي خواهشون هن کي گمراهه ڪرڻ لاءِ اڳيان اينديون آهن ؛ جن کان پاڻ بچائي نفس کي فنا ڪري پنهنجي وجود کي پاڪ صاف ڪري معرفت جي مقام کي حاصل ڪري ٿو. ڇو ته جانب جو جمال ائين نصيب نه ٿو ٿئي جيسين سالڪ پاڻ فنايت حاصل ڪري. وجود جو ورق صاف ڪري، پنهنجي ڪامل ٿيڻ جو ثبوت نٿو ڏئي.

سالڪ کان ڪٿي بي ارادي، بنا سوچ سمجهه جي، يا غير ارادي طور تي يا وڌيڪ اعتماد ڪري ڪا ڀـُـل يا خطا ٿئي ٿي ته به قرب يا وصال حاصل نٿو ٿئي. ۽ سالڪ کي انهي خطا يا غلطي ڪري الجهن يا دوري پهچي وڃي ٿي. (سلوڪ ۾ سوچي سمجهي غلطي ڪرڻ واري جو ڪوبه مقام نه هوندو آهي) انهي وصال واري دوري ڪري سالڪ کي جيڪو پڇتاءُ، آزيون نيازيون، ليلائڻ ۽ ٻاڏائڻ، روڄ، راڙو ڪرڻو ٿو پوي، انهي جو ذڪر شاهه پنهنجي ڪلام ۾ ڪيو آهي.

سالڪ ڪان اهي غلطيون، ڪوتاهيون، ڪميون جيڪي ٿي غير ارادي طور تي يا گهڻي اعتماد ڪري، ڪري ٿو آنهن جو ذڪر شاهه صاحب جدا جدا سالڪن جي روپ ۾ مثال ڏيئي پيش ڪيو آهي، يا ٻين لفظن ۾ ائين چئجي ته شاهه جا سالڪ جدا جدا ڪوتاهين ۽ غلطين جا نمونا آهن، جن کي پيش ڪري، سالڪن جون خطائون ظاهر ڪيون آهن ۽ انهن خطائن ڪري جيڪي سالڪن کي ڏک ڏاکڙا برداشت ڪرڻا پون ٿا تن جو ذڪر ڪيو اٿس.

شاهه صاحب، الله تعاليٰ سان محبت ڪندڙ يا قرب وڌائيندڙن جي محبت ۾ رخنو وجهندڙ جدا جدا ڪوتاهين جو ذڪر انهيءَ ڪري ڪيو آهي، ته جيئن سالڪ انهن ڪوتاهين کان پاڻ کي بچائي سگهن ۽ الله تعاليٰ سان قرب وڌائي، جانب جي جمال جو ديدار ڪري سگهن. جي ائين چئجي ته تصوف آهي محبت جي پيدائش، ته به غلط نه ٿيندو جيئن شاهه صاحب چوي ٿو ته:

محبت ڀانئي من ۾، رنيا روڙيا جن،
تن جو صرافن، اٺ توريو ئي اگهائيو. (سر ڪاپائتي)

ٻئي هنڌ چوي ٿو:

محبت جي ميدان ۾، سر جو ڪر م سانگ،
سوريءَ سيرين جي، چڙهه ته ٿئين چانگ،
عشق آهي نانگ، خبر ڪاڏن کي پوي.

محبت ڪندڙ ڪان جيڪڏهن ڪا خطا ٿئي به ٿي، ته مطلوب انهيءَ کي سندس محبت جي صدقي ۾ آخر ۾ معاف ڪريو ڇڏي ٿو.

لاکيڻي لطيف پنهنجي ڪلام ۾ هڪ طرف حق تعاليٰ جي

قرب حاصل ڪرڻ يا تلاش ڪرڻ جا اصول ۽ طريقا ٻڌايا آهن ، ته ٻئي طرف حق تعاليٰ جي قرب حاصل ڪندڙن جي ڪاميابين ۽ ڪوتاهين ۽ ڪمين جا مثال ڏيئي ، انهن ڳالهين کان سالڪ کي آگاهه ڪيو ، جيئن ته هو پاڻ لاءِ محبوب جي مشاهدي ماڻڻ لاءِ مشڪلاتون پيدا ڪن ٿيون . اهڙا مثال شاهه سورمن وارن سرن ۾ ڏنا آهن .

انهيءَ لحاظ کان شاهه جي ڪلام جي ترتيب جو جائزو پيش ڪجي ٿو ، ته جيئن شاهه جي ڪلام جي نقص مضمون کي سالڪن جي لحاظ کان سمجهه ۾ آساني ٿئي .

شاهه جي ڪلام جي سرن جي ترتيب :

شاهه جي ڪلام کي هرڪنهن سهيڙيندڙ پنهنجي پنهنجي سوچ موجب ، سرن جي ترتيب ڏني آهي ۽ هرڪنهن شاهه جي ڪلام جي مقصد کي پنهنجي نڪته نگاهه کان جدا جدا نموني پيش ڪيو آهي . ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ صاحب جن جي راءِ آهي ته : ”آڳاٽي دور وارن رسالن ۾ سرن جي ترتيب جو مکيه مدار موضوع جي عام مقبوليت ۽ مضمون جي مشهوريءَ جي لحاظ سان مرتب ڪئي ويئي ، نه راڳ جي سلسلي تي . انهيءَ ڪري اهي سر سسئي سان شروع ٿين ٿا ۽ آخر ۾ سر ڪيڏاري کان پوءِ سر بسنت تي ختم ٿين ٿا .“ وچين دور وارن رسالن جي ترتيب مشهوريءَ جي بدران راڳ جي روايت مطابق آهي ۽ راڳ جي محفل سج لٿي کان پوءِ نماز بعد شروع ٿيندي آهي ، تنهن ڪري وقت جي لحاظ کان رسالا راڳ جي ”سر ڪلياڻ“ سان شروع ٿين ٿا ۽ آخر ۾ سر ڪاريل بعد سر بسنت تي ختم ٿين ٿا .“-٢

شاهه جي رسالن ۾ سرن جو تعدا بہ جدا جدا آهي، جيڪو ٢٨- کان ٣٦ سرن تائين آهي. "بمبئي ڇاپي جي پيروي ڪندي-٣ ڊاڪٽر هوتچند گر بخشاڻي شاهه جي رسالي ۾ ٣٠ سر مقرر ڪيا" غلام محمد شهوائي، ڪلياڻ آڏوائيءَ بہ ساڳيءَ ترتيب کي قبول ڪيو. علامہ آءِ-آءِ قاضي پنهنجي ترتيب ڏنل رسالي ۾ ٢٩ سر رکيا آهن، ۽ علامہ صاحب پنهنجي رسالي جي سرن جي ترتيب ۾ وڏي تبديلي آندي، جنهن بابت ڊاڪٽر باوچ صاحب جن رسالي جي مهاڳ ۾ لکن ٿا تہ:

"متن جي هن اشاعت جي خاص خوبي اها آهي جو هن ۾ شاهه جي ڪلام جو نفس مضمون، توڙي معنيٰ ۽ مقصد جي لحاظ سان گهرو مطالعو ڪيو ويو آهي ۽ ان کي انهي فطري ترتيب موجب پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي، جنهن جو شاهه جي زندگيءَ جو جدا جدا منزل سان مناسبت ۽ مطابقت جو امڪان آهي". هتي وڌيڪ لکي ٿو تہ "انهي لحاظ سان شاهه جي ڪلام جو هيءُ پهريون مرتب ڪيل نسخو آهي، جنهن ۾ شاعر جي ذهن ۽ فڪر جي تدريجي ارتقا جو خاڪو نسبتاً صاف نظر اچي ٿو. شاعر جي زندگي ۽ فڪر جي درجيوار مرحلن مطابق ڪلام جي هيءَ ترتيب خود شاعر جي سوانح حيات جي مطالعي لاءِ پڻ مفيد ٿي سگهي ٿي. ڇاڪاڻ تہ ٻاهرين بدل زباني روايتن جي برعڪس، خود شاعر جي پنهنجي ڪلام جي تسلسل ۾ سندس زندگي جي مختلف مرحلن جا احوال موجود آهن .... ان ۾ انسان جي ذهني ۽ روحاني ارتقاءَ جي اعليٰ مرحلن جو عڪس موجود آهي."

مٿين راءِ مان ظاهر آهي ته پهرئين دور ۾ مضمون کي اهميت ڏني ويئي آهي، ۽ وچئين دور ۾ راڳ جي لحاظ کان شاهه جي ڪلام کي اهميت ملي، ۽ جڏهن شاهه جي ڪلام جو مطالعو گهري سوچ ۽ فڪر جو نتيجو بڻيو، تڏهن ڪلام جي نفس مضمون ۽ فڪر کي اهميت ڏني ويئي. هر دور ۾ سهيڙيندڙن وقت جي ضرورت محسوس ڪندي پنهنجي سوچ، سمجهه جي مدد سان رسالن جي سرن جي ترتيب ۾ تبديلي پئي آندي آهي. هر ترتيب، ترتيب ڏيندڙ جي فڪر ۽ مطالعي جو نتيجو آهي، جنهن جو ڪونه ڪو مقصد ۽ مطلب ضرور ظاهر نظر اچي ٿو. ٿي سگهي ٿو ته جڏهن سنڌ جا ماڻهون اقتصادي بدحالي جو شڪار هئا، تڏهن ترتيب ڏيندڙ اهو سوچي مضمون کي وڌيڪ اهميت ڏني هجي ته جيئن شاهه جي ڪلام جو مقصد ۽ سمجهاڻي کي سنڌ وارا سمجهن ۽ انهي تي عمل ڪن ۽ پنهنجي ذهني الجهن کان نجات حاصل ڪن ۽ توڪل جو ترهو ٻڌي اڳتي ترقي جون راهون هموار سگهن ۽ جڏهن اهو اقتصادي ۽ سياسي بدحالي جو دور ختم ٿيو ملڪ ۾ سک ۽ آرام جي لهر آئي تڏهن شاهه جي ڪلام جي مضمون جي بدران راڳ کي روح جي راحت سمجهي شاهه جي ڪلام جي سرن جي ترتيب راڳ جي لحاظ کان ڏني ويئي. اها سرن جي ترتيب سرن کي وقت تي ڳائڻ جي لحاظ کان ڏني ويئي هئي ته ڪهڙو سر، وقت جي لحاظ کان، ڪڏهن ڳايو وڃي جئين ته راڳ شاهه جي روح جي راحت هو تنهن ڪري به اها ترتيب مقرر ڪئي ويئي هجي.

در اصل اها ترتيب سنڌ ۾ ڪٿان آئي ۽ ڪيئن آئي! انهي تي هتي بحث ڪرڻ جي ضرورت نه آهي پر ايترو ضرور آهي ته

ڏوهيڙن ۽ وائين واري شاعري (يعني هندي وزن تي ڇيل شاعري) جنهن جو موضوع ۽ مرڪزي خيال تصوف جي سڄي ۾ پوتل هو، سا فني قالب ۽ موضوع جي لحاظ کان گهڻو اڳي هندستان ۾ پوري جذباتي ڪيفيت ۽ فني اوج ۽ عملي شڪل ۾ موجود هئي، جنهن کي هندي يا گجراتي شاعري چيو وڃي ٿو. انهي شاعري بابت جناب جميل جالبي لکي ٿو ته ' اردو شاعري جو پهرئين روايت خالص هندي صنفن ۽ وزن تي قائم هئي ۽ هندو تصوف جي انهيءَ رنگ کي قبول ڪري ٿو. جنهن جا سڄي برعظيم ۾ ناٿ پنٿن، ڀڳتي ڪال، امير خسرو، بابا فريد، بو علي قلندر، ڪبير، شيخ عبدالقدوس گنگوي، شاهه باجن، قاضي محمود دريائي، جيو گام دهني، گرو نانڪ، ميرانجي، شمس العشاق برهان الدين جانم وغيره اثر کان ڏکڻ، اوپر کان اولهه تائين روايت جي پيروي ڪندڙ هئا. هن شاعري جون صنفون اهي ئي آهن جيڪي برعظيم ۾ ڀڄن، گيت، ڏوهيڙن جي شڪل ۾ زماني قديم کان هلي رهيون آهن. (٥)

هندستان ۾ اسلام جي اچڻ کان پوءِ ويدانت تي جيڪو اسلامي تصوف جو رنگ چڙهيو هو تنهن اهڙو روپ اختيار ڪيو هو، جو هڪ طرف انهيءَ پنهنجي اصليت کي قائم رکيو، ٻئي طرف هتي جي نون مسلمانن کي پنهنجائپ جو احساس ڏياري، قديم روايتن جي اثر کان ڪڍي، هڪ نئين زندگي جو ديدار ڪرايو. جيڪا هڪ طرف هنن کي پنهنجي محسوس ٿي، ٻئي طرف زندگي ۾ نئين تازگي محسوس ڪندي خوشي ۽ ذهني لذت محسوس ڪئي.

جيئن ته هندو مذهب جو بنياد موسيقي تي هو ۽ تصوف ۾ موسيقي جي ممانعت هئي ۽ انهن ٻنهي جي ميلاپ ڪري هندستان

۾ تصوف هڪ نئون رنگ ۽ آهنگ اختيار ڪيو، جنهن نہ رڳو نون مسلمانن جي دل ۽ دماغ کي سرور بخشيو پر هنن جي دنيا جي ڪائنات کي تبديل ڪري ڇڏيو. بهرحال جنهن صنف ۾ تصوف ۽ ويدانت جو ملاپ خاص ڪري نظر اچي ٿو اها هئي جڪري (ذڪري) جيڪا ساز تي ڳائي ويندي هئي ۽ جنهن جو موضوع، مناجات حمد، ذڪر خدا هو. اها هڪ نئين سرور بخشيندڙ صنف هئي جنهن مقبوليت حاصل ڪئي.

جيئن تہ اسان جي سنڌي شاعري جي ابتدا سمن ۽ سومرن جي حڪومت کان لکي وڃي ٿي، تنهن ڪري هتي اسين هندي وزن تي چيل جنهن شاعري جو اثر نظر اچي ٿو تنهن جو مختصر جائزو پيش ڪريون ٿا تہ جيئن هندي، سنڌي شاعري جي هيئت ۽ موضوع جي هم آهنگي جو اندازو ڪري سگهجي.

سومرن ۽ سمن جو دور حڪومت ۷۰۰هہ کان ۹۲۲هہ، مطابق ۱۳۰۰ع کان ۱۵۱۹ع تائين رهيو. انهيءَ عرصي ۾ اسان کي سنڌي شاعري جا ابتدائي اهڃاڻ ملن ٿا ۽ هن ئي دور ۾ گجرات ۾ شيخ بهاالدين باجن ملي ٿو (۷۹۰هہ-- ۹۱۲هہ مطابق ۱۳۸۸ع کان ۱۵۰۶ع) هن جي شاعري، هندي شاعري جي وزن تي هئي. تصوف جي موضوع تي شاعري ڪرڻ ڪري هن کي ممتاز ۽ نمائنده حيثيت ملي. ”هي برهانپور جو رهڻ وارو هو، شيخ معزالدين جو پٽ هو.“(٦) هن جو موسيقي سان گهرو لڳاءُ هو. شيخ رحمت‌الله جو مريد هو. باجن هن جو تخلص هو. سندس سڄو ڪلام ذڪرين (جڪرين) ۽ ڏوهيڙن تي آهي. هن جي زبان هندي يا گجراتي آهي. سندس شاعري ۾ هندو ۽ مسلم اثر مليل نظر اچي ٿو. هن

جني ڪلام جو موضوع ذڪر خدا، ذڪر رسول، ذڪر پير ۽ مرشد، ذڪر تجربات، باطني روحاني واردات سان ڀرپور آهي. هن جو ڪلام راڳ تي ٻڌل آهي ۽ سازن تي ڳائي سگهجي ٿو. سندس زبان عام فهم ۽ آسان آهي. جيئن ته ذڪري ڳائي ويندي آهي تنهن ڪري هن جي حيثيت گيت، راڳ ۽ راڳڻين جي انهن ٻولن جهڙي هوندي آهي، جيڪي سازن تي وڄائي ٻڌندڙن جي اندر ۾ وجد ۽ سرور پيدا ڪري سگهبو آهي. هن جي شاعري ۾ جيڪو مضمون سمايل آهي. اهو مريدن ۽ طالبن جي هدايت سان گڏ، الاهي محبت، حقيقي عشق جي جذبن سان ڀرپور انداز ۾ نظر اچي ٿو.

ذڪري جي ڳائڻ جو انداز به ڪافيءَ جي ڳائڻ جي انداز کان مختلف نه آهي. ذڪري سازن تي ڳائي ويندي آهي ۽ سندس مضمون تصوف جو اظهار سان ڀرپور آهي جيئن ڪافي ۾ ڳائڻ وارا ڳائيندي وچ ۾ بيت يا ڏوهيڙا ڏيندا آهن تيئن ذڪري جي ڳائڻ وقت وچ ۾ ڏوهيڙا ڏيندا هئا. اهڙي ريت مضمون ۽ ڳائڻ جي انداز جي لحاظ کان هي ٻئي صنفون هڪ مقصد رکن ٿيون. هيئت جي لحاظ کان ذڪري کي ٽن حصن ۾ ورهايو ويو آهي پهرئين کي "عقده" انهيءَ کان پوءِ ٽن ٽن مصراعن وارا بند جيڪي هوندا هئا تن کي "بين" ۽ آخرين بند جيڪو به ٽن مصراعن وارو بند هوندو آهي تنهن کي "تخاص" چيو ويندو هو.

هر ذڪري جي لکڻ کان اڳي اهو لکيو ويندو هو ته هيءَ ذڪري ڪهڙي سر يا راڳڻي سان تعلق رکي ٿي. باجن جو ڪلام ڳائڻ وڄائڻ جي لاءِ مخصوص سرن جي مطابق ترتيب ڏنو ويو آهي. سندس ڪلام جو وزن هندي آهي." (٧)

”مثال طور عقيده درپرده صباحي ، درپرده بلاول، عقيده درپرده توڙي وغيره. هن دور ۾ سنڌي شاعري جو مکيہ مرڪز لاڙ ۾ ڪڇ هو. اسماعيلي بزرگن جا گنان هڪ اهڙي صنف آهي جنهن کي سنگيت وديا يا راڳداري موجب ڪافي جي صنف چئي سگهجي ٿو.(٨)

سا ڳي ريت اهو سا ڳيو موسيقيءَ جو شاعريءَ سان ميلاپ وارو رنگ ۽ روپ ۽ خوبين جو اهو اپار چڙهاءُ جيڪو انهي وقت هندي شاعري ۾ نظر اچي ٿو، اهو ڪلهوڙا دور تائين سنڌي شاعريءَ ۾ عام ملي ٿو.

سمن ۽ سومرن کان پوءِ ارغونن ۽ ترخانن جي حڪومت جو دور شروع ٿئي ٿو جيڪو ٩٢٧ھ کان ٩٧٣ھ مطابق ١٥٢٠ع کان ١٥٦٥ع تائين رهيو هو. هن دور ۾ اهو شاعر ملي ٿو جنهن جو ڪلام سنڌي ۾ لکيل صورت ۾ مليو. اهو شاعر هو قاضي قاضن. ساڳي دور ۾ ”گجرات ۾ اسان کي قاضي محمود دريائي هندي زبان ۾ شاعري ڪندي ملي ٿو، جنهن کي عقيدت کان خواجہ خضر چيو ويندو هو.“(٩) هن جي ڪلام جي موضوع ۾ الله، رسول ۽ مرشد سان عشق جي اظهار، دين ۽ دنيا جا سڀ مسئلا بيان ڪيل آهن. هن جو ڪلام ۾ ڳائڻ ۽ وڄائڻ سان تعلق رکي ٿو. سندس ڪلام ۾ عشق جي گرمي انتها جي ظاهر نظر اچي ٿي. فراق جي ڪيفيت ۽ محبوب جي مشاهدي جي تمنا، انهي جي ديدار لاءِ هروقت اکين جو انتظار ڪرڻ، سندس شاعري جو مکيہ مقصد آهي. هن جو موسيقي سان جيڪو لڳاءُ ۽ دلچسپي هئي، تنهن جو عالم هي هو، جو جڏهن مرڻ جو وقت قريب آيس تڏهن محفل سماءُ منعقد ڪرايائين ۽ وجد و حال جي ڪيفيت ۾ رقص ڪندي سجدي

۾ ڪري پيو ۽ اتي ئي جان بحق تسليم ڪيائين." هن جو ڪلام ۾ ڳائڻ لاءِ لکيو ويو هو. هن جي ڪلام ۾ هنديءَ ۾ "وايون" موجود آهن."(١٠)

ارغونن ۽ ترخانن ڪان پوءِ سنڌ تي مغلن ۽ ڪلهوڙن جو دور حڪومت اچي ٿو جيڪو ١٠٠٠هه ڪان ١١٥١هه مطابق ١٥٥٣ع ڪان ١٧٣٠ع تائين لکيو وڃي ٿو. هن دور ۾ گجرات ۾ "شاهه علي محمد جيوگاه ڌني ملي ٿو، جنهن مغل بادشاه اڪبر جي دور ۾ وفات ڪئي."(١١) "هي به 'همه اوست' جو ترجمان هو. هن پنهنجي ڪلام ۾ توحيد، وجود واحد، اسرار الله ڪي اشارن ۾ بيان ڪيو آهي. هن جو سڄو ڪلام واردات قلبي، عرفان ذات الهي جا مسئلا ۽ صوفياني تجربن سان ڀريل آهي." هي اهي مسئلا ڪڏهن ڪڏهن ۾ ٿو بيان ڪري ڪڏهن تمثيل سان بيان ڪري ٿو. هي پنهنجي ڪلام ۾ سڄي ڪائنات ڪي ۽ ساري زندگي ڪي دنيا ڪي، توحيد ۽ همه اوست جي رنگ ۾ ڏسي ٿو. اهوئي سندس ڪلام جو مرڪزي خيال آهي. هي صفات ڪان نڪري عين ذات ۾ محو آهي، قلب تي وصال جي ڪيفيت طاري اٿس، هن ڪي هر شيءِ ۾ قدرت ۽ محبوب حقيقي جو جلوه نظر اچي ٿو. هي پنهنجي محبت جي مستي ۾ مست آهي ۽ انهيءَ ۾ سرشار آهي. سوز ۽ ساز جي ڪيفيت هن تي هر وقت طاري رهي ٿي. هي ڪڏهن مستي، ڪڏهن مارئي، ڪڏهن عورت جي روپ ۾ ته ڪڏهن مرد جي روپ ۾ محبوب جي تلاش ۾ گم آهي ڪڏهن پاڻ عاشق پنجي حق ڪي تلاش ڪري ٿو، ڪڏهن محبوب پنجي پيت ڪان تلاش ڪرائي ٿو ۽ انهي ڳالهه تي ڪيس ناز آهي."(١٢)

مٿين حوالي کان پوءِ معلوم ٿئي ٿو ته شاهه جي ڪلام جي راڳ ۽ راڳڻين تي ڏنل ترتيب ڪا نئين نه آهي اها اڳئي گجرات جي هندي شاعري ۾ موجود آهي ۽ شاعري جو مضمون ، موضوع ۽ مقصد به ساڳيو آهي ۽ هر شعر تصوف جي تار ۾ ترندو نظر اچي پيو. انهي کان سواءِ جهڪي صنفون هندي شاعري ۾ عام هيون جيئن ته: ڏڪري، وايون، ڏوهيڙا، دوهيڙا اهي سنڌي شاعري ۾ به ملن ٿيون ۽ وزن به سيني جو ساڳيو آهي. سڀ صنفون سوز ۽ ساز جو سلسلو قائم رکيو اچن . هر اها ڳالهه جيڪا موضوع ، مضمون ، هيئت ۽ مقصد جي لحاظ کان گجرات ۾ هندي شاعري جي روپ ۾ ظاهر هئي اها سنڌ ۾ ارغونن جي دور حڪومت کان پوري آب تاب سان رونما ٿئي ٿي. انهي شاعري جا روح روان شاعر به سنڌ سان ڪنهن نه ڪنهن طرح تعلق رکن ٿا .

هر شاعر جي ڪلام کي سمجهڻ لاءِ اهو ضروري هوندو آهي ته شاعر جي زندگيءَ جو پورو مطالعو ڪيو وڃي. شاهه جي حياتي جي مطالعي کان پوءِ ، سندس ڪلام جي فڪري پهلوئن کي ترتيب ڏيڻ ، سندس حياتي ۽ ڪلام جي سلسلي کي ملائي جدا جدا مرحلا مقرر ڪري سندس ڪلام جو مطالعو ڪرڻ نهايت ضروري آهي. گربخشاڻي شاهه جي رسالي کي ترتيب ڏيندڙن ۾ پهريون مرتب هو ، جنهن شاهه جي حياتيءَ جو مڪمل مطالعو ڪرڻ کان پوءِ سندس حياتيءَ جي واقعن ۽ حالتن جي چنڊ ڇاڻ ڪئي ۽ پوءِ شاهه جي ڪلام کي ترتيب ڏنو ۽ ساڳي ترتيب کي شهوائي ۽ آڏوائي قائم رکيو. گربخشاڻي واري رسالي جي ترتيب جو جيڪڏهن غور سان مطالعو ڪبو، ته معلوم ٿيندو ته هي پهريون مرتب ڪندڙ

هو، جنهن شاهه جي ڪلام جي ترتيب نفس مضمون ۽ شاهه جي حياتيءَ جي مرحلن يا دؤرن جي لحاظ کان ڏني. انهيءَ مان منهنجو اهو مقصد نہ آهي تہ هن کان اڳي ڏنل پيون ترتيبون غلط آهن پر انهيءَ مان مقصد آهي تہ هيءَ ترتيب شاهه جي ڪلام جي نفس مضمون سمجهڻ ۾ وڌيڪ مددگار ثابت ٿي سگهي ٿي. ڇو تہ ڪنهن بہ شاعر جي ڪلام کي سمجهڻ لاءِ پهريائين شاعر جي زندگيءَ جو مطالعو ڪرڻ ضروري هوندو آهي، تہ جيئن شاعر جي زندگي، شاعر جي دور جون حالتون پنهي جي مناسبت جي پرک وٺي، پوءِ ڪلام جو اپياس ڪري سگهي ٿو ۽ گربخشاڻيءَ ائين ڪيو آهي. هن ٣٦ سرن مان چنڊي چاڻي ٣٠ سر مقرر ڪيا، جن کي شاهه جي زندگيءَ جي سلسليوار مرحلن ۽ فڪري درجن جي لحاظ کان ترتيب ڏني. اها ترتيب هن ريت هئي: پهرئين حصي ۾ شاهه جي ڪلام جا پنج سر هئا جن ۾ سر ڪلياڻ، يمن ڪلياڻ، سر کنبات، سر سريراڳ ۽ سر سامونڊي. ٻئي حصي ۾ سر سهڻي، آبري، معذوري، ديسي، ڪوهياري، حسيني. ٽئين حصي ۾ ليلا، مومل، مارئي، ڪاموڏ، گهاتو، سورٺ ۽ ڪيڏارو. باقي سرن کي چوٿين حصي ۾ آڻڻ لاءِ رکيو

مرحوم غلام محمد شهوانيءَ ٽنهي جلدن جي ترتيب قائم رکي باقي سرن کي، آخر ۾ رکيو ۽ علامہ آءِ-آءِ قاضي مرحوم بہ پنهنجي رسالي ۾ سرن جي ترتيب ۾ تبديلي آندي ۽ سر ڪيڏارو ڪڍي ڇڏيو. اهڙيءَ ريت علامہ صاحب ٣٠ جي بدران ٢٩ سر مقرر ڪيا. ڪيترن آڏواڻي شاهه جي رسالي کي ڏنو تہ هتي اها ساڳي ترتيب رکي، جيڪا مرحوم غلام محمد شهواڻي مقرر ڪئي. علامہ صاحب

پنهنجي رسالي ۾ سرن جي ترتيب ذهني ۽ فڪري ارتقا جي بنياد تي ٿي ڏني.

علامه آء. آء قاضي صاحب جن جي راءِ ۾ شاهه جي ڪلام جي ابتدائي سرن ۾ شاهه ڪي موروثي ورثي ۾ مليل تعليم (Hereditary) بيان ٿيل آهي ۽ سندس پڇي ڪلام ۾ سندس شخصيت نمايان نظر اچي ٿي. (Personality)، جنهن ۾ سندن شخصي تجربا، آزمودا بيان ٿيل آهن. سندس ترتيب ڏنل رسالي ۾ سورمن وارن سرن جي ترتيب ۾ سر سورٺ کي پهريائين ۽ سر سهڻي کي آخر ۾ رکيو ويو آهي. علامه آء. آء قاضي صاحب جي نظر ۾ سهڻي شاهه جي آخرين منزل آهي.

گربخشاڻي واري شاهه جي رسالي جي ترتيب يا شهوانيءَ واري رسالي جي ترتيب کي جيڪڏهن نظر ۾ رکنداسين، ته به اسان کي شاهه جي ڪلام ۾ موضوع ۽ مقصد سمجهڻ ۾ وڏيڪ آساني نظر ايندي: جو ته شاهه جي ڪلام ۾ پهرين پنجن سرن ۾ شاهه جي موروثي ورثي جو نمايان اثر معلوم ٿئي ٿو. سر ڪلياڻ، يمن ڪلياڻ، سر سريراڳ، سر ڪنڀات ۽ سر ساموندي ۾ شاهه تصوف جي هرهڪ اصول ۽ متي کي بيان ڪيو آهي، جنهن ۾ وحدانيت ڇا آهي، ڪثرت ڇا آهي، صوفي ڇا آهن، انسان ڇا آهي، سندس مقصد ڇا آهي، هن دنيا ۾ انسان جي اچڻ جو مقصد ڇا آهي؟ ۽ هن دنيا جي درياءَ ۾ هڪ ناکوي وانگر پنهنجي پيڙي جو سڙهه سنڀالڻ وقت پيڙي ڏوئي صاف ڪري سفر تي اسهڻ جي تلقين ڪري ٿو.

تصوف جي اصولن ارڪانن ۽ پابندين جو ذڪر ڪندي سالڪ کي پنهنجي ذهن تي پابندين ۾ آڻڻ جي تلقين ٿو ڪري، پين

نقش ۾ اهو درس ڏني ٿو جيڪو انسان کي الله تعاليٰ جو قرب ڏيڙي ٿو. اهو اسان جو تعليمي ورثو هو، جيڪو هن کي پنهنجن مائٽن استادن ۽ همعصرن کان مليو جنهن کي هن مريدن خادمن لاءِ هدايت خاطر پنهنجي ڪلام ۾ ڇيو. شاهه جي ڪلام جو ٻيو حصو انهن سرن تي مڪمل ڪيو جيڪي سورمن وارا سر هئا يا اهي سر جيڪي نيم تاريخي سنڌ جا قصا هئا. جن ۾ ڪردار تاريخي حيثيت جا هئا ۽ ڪهاڻين جو مکيه مقصد محبت هو. جنهن لاءِ اهي ڪردار قربانيون ڏين ٿا. جيئن ته سالڪ کي پرمحبوب جي مشاهدي لاءِ سچي محبت پيدا ڪرڻ آهي ۽ قربانيءَ لاءِ هر وقت تيار رهڻو آهي ڪوتاهي يا غلطي ناهي ڪرڻي. جي ڪيائين ته انهيءَ لاءِ تڪليفون در پيش اينديون، ساڳي حالت انهن عشقيه ڪهاڻين جي ڪردارن جي به آهي جيڪي سچا عاشق آهن ۽ محبت ڪندي جڏهن انهن کان غلطيون ٿين ٿيون، تڏهن انهن کي آريون نيازيون، ڏک ڏولاوا، ۽ ڪشالا ڪرڻا پون ٿا ۽ آخر ۾ پنهنجي جان فدا ڪري محبوب جو مشاهدو مائين ٿا. شاهه لطيف سالڪن ۽ انهن ڪهاڻين جي ڪردارن جي ڪيفيت جذبات ۽ انهن جي محبت جي ميدان ۾ ڪاميابيءَ ۽ جدوجهد واري ساڳي حالت محسوس ڪئي تنهن ڪري انهن ڪردارن جي عمل کي تمثيل ڪندي سالڪ لاءِ آندو آهي.

جيئن ته تصوف جي سيني اصولن جو خاص مقصد هوندو آهي ته سالڪ کي پنهنجي محبوب جو وصال حاصل ٿئي جيئن شاهه فرمايو آهي ع

وصالا فراق جي، ٿي سڄي ڳالهه ڪري.

ڇو ته تصوف ۾ شريعت سالڪ کي رياضت ۽ عبادت جون پابنديون ۽ اطاعت سيکاري ٿي ۽ جڏهن سالڪ اطاعت جو پابند ٿيو وڃي تڏهن هن کي طريقت يعني ٻئي منزل تي قدم رکڻ لاءِ چيو وڃي ٿو ۽ اها منزل تمام مشڪل اڙانگي ۽ اوکي هوندي آهي. هن منزل تي هلڻ لاءِ سالڪ کي هر قدم تي سنڀالي قدم کڻڻو آهي. ڇو ته جيڪڏهن هن منزل تان غلطي ڪيائين ته پوءِ معرفت جو مقام حاصل ڪري نه سگهندو. تنهن ڪري هن منزل تي مرشد جي رهنمائي وٺڻ ضروري هوندي آهي پر مرشد به ڪامل هئڻ گهرجي جنهن تصوف جي سڀني منزلن کي ماڻيو هجي. ٻين لفظن ۾ سالڪ کي ڪامل مرشد وٺڻ گهرجي ڇو ته هن جي رهنمائي ۾ صوفي کي معرفت جو مقام حاصل ڪرڻو هوندو آهي اهو مقام تمام اڙانگو ۽ اوکو هوندو آهي ۽ جي هن منزل تي ڪاميابي سان مرشد جي رهنمائي ۾ هلندو رهيو ته پوءِ پنهنجي محبوب جو درلڀ ديدار ۽ مشاهدو حاصل ڪري سگهندو. پر جيئن ته سالڪ لاءِ محبوب جو ابتدائي وصال دائمي نه هوندو آهي تنهن ڪري منزل تي جيڪڏهن خطا ٿي ته وري اها منزل حاصل ٿيڻ مشڪل ٿيو وڃي. ڇو ته جيڪڏهن اهو ديدار سالڪ کي دائمي حاصل ٿي وڃي ته پوءِ سالڪ جي اندر ۾ جيڪا وصال حاصل ڪرڻ لاءِ لوچ ۽ تڙپ هوندي آهي سا ختم ٿيو وڃي، ۽ تصوف ۾ اها لوچ تڙپ هميشه سالڪ جي قلب ۾ رهڻ گهرجي. ڇو ته انهن ڪرڻ سان سالڪ جي اندر ۾ پنهنجي محبوب جي وصال لاءِ محبت جي خواهش وڌندي رهندي. جيڪا هن ۾ دائمي وصال پيدا ڪرڻ لاءِ مددگار ٿيندي. اهو ساڳيو حال سر سهڻي ۾ سهڻي ۽ ميهار جي

وصال وارو آهي. هن سر ۾ ڪنيار ڪامل مرشد آهي گهڙو سندس ٻڌايل طريقو يعني وسيلو آهي وصال حاصل ڪرڻ جو سالڪ لاءِ قبض ۽ بسط جي ڪيفيت وارو مقام ۾ ايندو آهي جنهن ۾ هن کي دلبر جو ديدار تِڪ کان پوءِ وري ديدار لاءِ انتظار ڪرڻو پوندو آهي. جيئن سهڻي رات جو ميهار جو ديدار ڪرڻ کان پوءِ ڏينهن جو انتظار جي حالت ۾ رهندي هئي اهائي سالڪ لاءِ وڏي سڪ ۽ تڙپ جي گهڙي هوندي آهي. جنهن لاءِ شاهه چوي ٿو ته:

ڏوريان ڏوريان م لهان، شال م ملان هوت،

جيءَ اندر جي لوچ، محڻ ملڻ سيني مانجي ٿئي.

جڏهن سالڪ هڪ دفعو حقيقي محبوب جو مشاهدو ماڻي ٿو پوءِ هي محبوب جي مشاهدي لاءِ هر وقت انتظار ۾ رهي ٿو ۽ انهي انتظار ڪرڻ وقت هن جي دل ۾ لوچ ۽ تڙپ رهندي آهي جيڪا هن کي سڪ سان سمهڻ نه ڏيندي آهي انهي ڪيفيت جو اندازو انهي سالڪ کي ٿي هوندو آهي پين لفظن ۾ سالڪ جي اندر ۾ جيڪا سڪ ۽ سوز جي ڌُهين دکيل هوندي آهي اها آهستي آهستي هن جي اندر ۾ جهڙين پوءِ تيئن تپش وڌائيندي رهندي آهي ۽ سالڪ کي انهي حالت ۾ آڻيو ڇڏي جڏهن هن جي اندر ۾ محبت جو مچ آڙاهه وانگر ٻنيٽ ڪيو پڙڪو ڏيو ابرپو ظاهر ٿئي ۽ سالڪ دنيوي توڙي ديني ٻيروني توڙي اندروني، گناهه ۽ ثواب نفع نقصان، هار جيت، ڏک سک، جسم جان کان لاڳاپو ٽوڙي، وجود وڃائي، مرڻ کان اڳي مري، هستي ۾ نستي آڻي، موت لاءِ منتظر رهي ٿو. سالڪ پنهنجي جسم جي ڪچي گهڙي کي توڙي پاڻ کي حق ۾ غرق ڪيو ڇڏي. ۽ سندس روح توڙي اکين ۾ محبوب

ڪان سواءِ ٻيو ڪوبہ رچيل نہ هوندو آهي ۽ ڪائنات جي هر شيءِ ۾ هو حق جو جلوو پسندو آهي. جيئن شاهہ چوي ٿو تہ:

سيٽ ٻچار ٻرين جي ، سيٽ هوت حضور

جڏهن شاهہ سالڪ جي اندر جي ڪيفيت کي ظاهر ٿو ڪري تہ چوي ٿو تہ:

ڪامان ، ٻچان، نہ مران، سڙان ساري رات،
ٻن ٻٺائي کي وجهي، ڪر ٻريان جي تات.
سيخون سنديون سجڻين ، آيرن آڌي رات ،
نہ ڪي هٿ نہ ساٿ ، ڏيهاڻو چنگ چڙهان .

جيئن تہ شاهہ هڪ طرف صوفي هو ٻئي طرف شاعر هو، ٽئين طرف نفسيات جو ماهر ۽ چوٿين طرف پنهنجي هر خوبي کي ڪنهن نہ ڪنهن هنڌ تي هر ڪردار ۾ ظاهر ڪيو ائس. سندس شخصيت هر ڪردار ۾ نمايان نظر اچي ٿي. جو تہ سيني ڪردارن جو مقصد ۽ مراد هڪ ئي آهي سندن عمل هڪ ئي نڪتي تي ٻڌل آهي ٿورن لفظن ۾ ائين چئجي تہ سيني جي تهہ ۾ هڪ ئي خيال سمايل آهي جو آهي سالڪ جو انهن سان پيار ۽ قرب پيدا ڪرڻ ۽ اهو قرب ڪڏهن ۽ ڪيئن پيدا ٿئي ٿو تنهن لاءِ هر سر ۾ شاهہ سورمن ۽ سورمين (سالڪن) جي واتان چوائي ٿو تہ:

لکيو لوڙي سيڪا ، ڪان لکي ڪون ڏار

جيئن سهڻي جي واتان چوائي ٿو تہ:

اي ڪم الاهي ، نات ڪنن ۾ ڪير گهڙي.

ڪير ڪن؟ آئون ڪيو؟ ڪير ڏهر سهي ڏم جا.

قضا رء ڪير ڏري ، مٿي ڀانئي ڀير.

وري مارئي جي واتان چوي ٿو:

قسمت قيد ڪيو، نات ڪير اچي هن ڪوٽ ۾.

آئي لکئي لوھ جي، هند ڏيکاريم هي.

مٿئي ٿي چوي ته:

هي ڪميڻي ڪير، جو امر کي آڏو اچي،

اي ڪرم جو ڪادو، نات ڀڙ ڪير پنڌ ڪري.

شاھ جي سڀني ڪردارن جي زندگين جو مقصد هڪڙوئي آهي الاهي امر جي پيروي ڪرڻ جيڪا انساني زندگي جي مراد آهي يعني لفظن ۾ ذاتي تعاليٰ جو قرب حاصل ڪرڻ، تنهن ڪري هر هڪ انسان لاء ضروري آهي ته الله جو قرب حاصل ڪرڻ لاء الله جي محبت کي من ۾ رکي محبوب جو مشاهدي مائي.

شاھ جا سالڪ دنيا جي درياه ۾ پنهنجي محبوب جي مشاهدي ماڻڻ لاء زندگي جي لاهين چاڙهين جون جدا جدا منزلون طي ڪندا، پنهنجن پنهنجن ڪچائين ڦڪائين، ڪمين، ڪوتاهين، خامين خطائن ڀلن ڀولاين، ابوجهائن، انجاڻاين ۽ اعتقدن جي لهرن ۾ لڏڪندا ليئندا پيندا، پاڻ پتوڙيندا پتڻ تي پهچڻ لاء ساھ صدقو ڪن ٿا. شاھ جا سالڪ اميدن ۽ آسرن جي وهڪري ۾ وهندي، پنهنجي وجود جي هئڻ کي ثابت ڪرڻ لاء ڪڏهن لهرن تي

لنگندي لڙهندي ڪڏهن پاتال ۾ پهچي ڪڏهن سنوان وڃن سير ۾، ڪڏهن تريو اچن تڙ تي، ڪڏهن ڪاهيو پون ڪنن ۾، ڪڏهن ڪنڌين تي ڪرڪن ۽ هرهنڌ تي جدوجهد جي جهولي ۾ جهوليندا جهومندا، منزلون ماڻيندا نظر اچن ٿا. شاهه جا سالڪ مست عاشق آهن هنن تي جڏهن مستي طاري ٿئي ٿي جڏهن مستي تاري ٿئي ٿي تڏهن عشق جي آگ ۾ پاڻ اڇلايو، محبت جي مٿل مچ ۾ پاڻ پچايو پڪي گهڙي وانگر واڄٽ ڪيو وڃندا پاڻ پسائين ٿا. شاهه جا سالڪ ڪڏهن مسئي وانگر سور سهي، ڪڏهن سهٽي وانگر سير ۾ ٽپو ڏئي، ڪڏهن مومل وانگر مٿل مچ ۾ پاڻ اڇلائي، پنهنجي زندگي جي انتهائي منزل ۽ مراد حاصل ڪئي آهي. سالڪن جي امنگن، آسرن، اميدن جو رکو هڪ ئي مقصد آهي سو آهي دلبر جو درلڀ ديدار حاصل ڪرڻ لاءِ جدوجهد ڪرڻ جنهنڪري هر سالڪ جو تصوف جي اصول موجب جدا جدا مقام نظر اچي ٿو، يا ائين چئجي ته سالڪن جي جدا جدا منزلن تحت سالڪن جا مثال ڏنل آهن.

شاهه جا سالڪ سندس دل جا ترجمان آهن شاهه انهن جي واتان صوفياڻي خيالن، متن جو اظهار ڪرائي ٿو، تنهنڪري ڪهاڻين جي ڪردار جا عمل شاهه جي اصولن ۽ خيالن سان جيڪي نهڪي آيا آهن انهن کي هن سورمن ۽ سورمين جي ڪردار سان ملائي پيش ڪيو آهي: سندس اهو عمل جڏهن سندس ڪلام ۾ ڏسون ٿا ته ائين معلوم ٿئي ٿو ته شاهه پاڻ کي وساري پنهنجي شخصيت کي ڪردارن جي شخصيت ۾ مسخ ڪيو آهي ۽ سندس جدا جدا آزمودا ۽ تجربا جدا جدا سالڪن جي عمل ۾ تمثيل طور پيش ڪيا آهن.

اهڙي طرح شاهه جي پهرين پنجن سرن ۾ سالڪن جي سڪيا جا سبق ڏنل آهن ته پوين ٻارهن سرن ۾ سالڪن کي ڏنل سکيا بابت عملي قدم کڻندڙن جا مثال ڏنا آهن ته سالڪ جيڪي مٿين سڪيا تي عمل ڪندي ڪتي ڪا خطا ڪن ٿا ته انهيءَ جو نتيجو ڇا ٿو نڪري. تنهن ڪري انهن خطائن کان بچڻ لاءِ طريقا ٻڌايا ويا آهن ۽ هر سالڪ جي منزل ظاهر ڪئي ويئي آهي.

شاهه جي ڪلام ۾ ڪابه ڪهاڻي تفصيل سان بيان ٿيل نه آهي ۾ ڪهاڻي جا اهي پهلو يا اهي حقيقتون ۽ اهي ڳالهيون جيڪي سالڪن جي عمل سان ملن ٿيون تن کي بيان ڪيو آهي. تنهن ڪري شاهه جا ڪردار هڪ طرف شاهه جو مقصد ۽ تعليم کي پيش ڪن ٿا ٻئي طرف اهي ڪردار سنڌ جي تهذيب تمدن ثقافت تي پيش ڪندي سنڌ جي ماڻهن جي جذبن ۽ امنگن جي ترجماني ڪن ٿا. تنهنڪري پڙهندڙن کي اهي ڪردار پنهنجائپ ڪري وڏيڪ پيارا وڻندڙ ۽ وندرائيندڙ محسوس ٿين ٿا. اهي ڪردار شاهه کان اڳي ۾ سنڌ جي عام ۽ خاص ماڻهن ۾ مقبول هئا ڇو ته اهي ساڳيا ڪردار شيخ جوهڙ، شاهه ڪريم بلڙي واري شاهه لطف الله قادري، شاهه عنايت ۽ گجرات جي هندي شاعرن جي ڪلام ۾ موجود آهن پوءِ ڪن ڪنهن هڪ کي ڪنيو ڪن ٻن کي ڪن سيني کي ڳايو. اهڙي ريت اهي ڪردار اڄ ۾ سنڌي شاعرن توڙي عوام ۾ محبوب ۽ مقبول ڪردار آهن يا ائين چئجي ته اهي ڪردار سنڌ جي هر فرد جي شخصيت ۾ سمايل آهن يا نفسياتي طور سنڌ جي هر فرد جي ڪردار جو حصو آهن جن کي سنڌ جا ماڻهون پاڻ کان پري ڪري نٿا سگهن. انهيءَ ڪري انهن ڪردارن کي سنڌي

ادب ۾ پاڻ پسائڻ جي حيثيت حاصل آهي. اهي ڪردار هڪ طرف ڪهاڻين جا ڪردار آهن ٻئي طرف سنڌ ۽ سنڌين جي سڃاڻپ آهن. انهيءَ ڪري شاهه جا سورما ۽ سورميون جن کي ٻين لفظن ۾ شاهه جا سالڪ چئون سي نه رڳو ڪهاڻين جا ڪردار يا سالڪ آهن پر شاهه جا تصور ب، آهن جن کي هن سالڪن جو روپ ڏيئي هڪ طرف انهن ۾ دنيوي عشق جي سچائي ظاهر ڪئي آهي ٻئي طرف الاهي قرب جي قالب ۾ ڪڙي فراق ۾ فنا ڪري معرفت جو مقام ڏياريو آهي. جڏهن اسين مارئي جي حيثيت کي ڏسون ٿا ته هڪ طرف اها ڪهاڻي جو ڪردار آهي جنهن ۾ وطن جي حب ۽ سڪ آهي ۽ حب‌الوطني جي پيڪر آهي ٻر جڏهن شاهه جي ڪلام ۾ مارئي جي ڪردار کي ڏسون ٿا اهو هڪ اهڙو سالڪ آهي جيڪو پنهنجي خالق سان ۽ پنهنجي اصلي وطن سان محبت ڪري ٿو ۽ پنهنجي اصليت کي نٿو وساري.

لاڪٽي لطيف جي پيدائش پرورش هڪ مذهبي خاندان ۾ ٿي هئي ۽ انهي خاندان جي رغبت قرآن مجيد ۽ حديث شريف سان هئي ۽ سندس سکيا ۽ تعليم ب، اسلامي عقيدي ۽ اصولن تي ٿي. انهي ڪري شاهه صاحب سان سفر ۾ قرآن مجيد، شاهه ڪريم جو رسالو ۽ مثنوي مولانا رومي گڏ هوندا هئا. ٻين لفظن ۾ مذهبي لحاظ کان شاهه صاحب جي تعليم اسلامي اصولن موجب ٿي. تنهنڪري هي قرآن مجيد حديث ۽ تصوف جي پوري ڄاڻ رکندو هو. هن پنهنجي ڪلام ۾ قرآن حديث جي حوالي سان هر جاءِ تي انساني ذات کي هدايت ۽ رهنمائي ڪئي آهي. شاهه لطيف جي رسالي جي پوئين دور جي قلمي نسخن جي شروعات "اول الله

عليم" وارو بيت رکيل آهي. ان کان پوءِ "مهِ محمد کارڻي" ۽ ان کان پوءِ "وحده لاشريڪ له" جو اقرار ڪندي ڪثرت ۽ وحدت جو فلسفو بيان ڪيل آهي. انهيءَ کان سواءِ جتي بيتن ۾ شاهه حوالي طور ضروري سمجهيو آهي تہ. اتي قرآن جون آيتون ۽ حديث شريف جا حوالا ڏنل آهن ۽ ڪٿي ڪٿي عربي جون چوڻيون بہ حوالي طور سمجهائڻ لاءِ ڪم آنديون آهن.

شاهہ صاحب نہ رڳو شريعت ۽ طريقت جي اپٽار ڪئي آهي پر هن سنڌ جي تهذيب، تمدن ۽ ثقافت ۽ رهڻي ڪهڻي رسم رواج کي بہ سهڻي انداز ۾ اپاري پنهنجي ڪلام ۾ ظاهر ڪيو آهي. سندس ڪلام هڪ طرف اسلامي تعليم جو مڪتب آهي تہ ٻئي طرف هن انساني نفسيات جو سهڻو سبق ڏنو آهي. شاهہ جي فلسفياڻي سوچ، تصور و تخيل جي گهرائي، عمل ۽ عقيدي جي پختائي، ذڪر ۽ فڪر جي عملي جدوجهد سندس ڪلام ۾ اهڙي ڪشش پيدا ڪئي آهي جو هر پڙهندڙ ٻڌندڙ کي دل ۽ دماغ سوڌو ڪشش ۾ قابو رکي ٿو. ٻين لفظن ۾ شاهہ پنهنجي ڪلام ۾ سنڌ جي رهواسين جي عملي زندگي جو جائزو وٺندي سنڌ سماج جي هر عمل جي هر پهلو کي پرکيو پروڙيو ۽ پوءِ پنهنجي ڪلام ۾ پيش ڪيو آهي. اهڙي ريت شاهہ سنڌ جي هر طبقي جي رهندڙ جي امنگن دلي جذبن، احساس، ارادن ۽ خواهشن جي پوري پرک ورتي ۽ هوبهو شڪل ۾ پيش ڪيو.

شاهہ صاحب هڪ طرف عورت جي نفسياتي پرک وٺندي سالڪ جي نفسياتي هڪ جهڙائي محسوس ڪئي تنهن ڪري هن عورت جي نفسيات جي مڪمل ڄاڻ ورتي ۽ انهي کي سالڪن جي

عمل سان ملائي پيش ڪيو. ٻئي طرف هن مرد جي، نفسيات کي
چڱو پرکيو پروڙيو آهي. شاهه ڏٺو ته جيئن هڪ طرف عورت
ارادي جي ڪمزور آهي تيئن سالڪ به آهي. ٻئي طرف قول جي
ڪچي آهي ۽ محبت ڪرڻ چاڻي ٿي تنهن ڪري سالڪ به سڪ
۽ سوز جو ڪوڙيو آهي. جهڙي ريت عورت بي نظير قرباني ڏئي ٿي
تيئن سالڪ به جيئري پاڻ وڃائي فنايت اختيار ڪري ٿو. شاهه جون
سورميون جيئن دليري جا اعليٰ ڪارناما ڪن ٿيون ۽ ارادي جون
بختيون آهن برداشت جو مادو به انتها جو رکن ٿيون تيئن شاهه جو
سالڪ دنيوي عمل ۾ پاڻ وڃائي نفس کي نابود ڪري سوز ۽ فراق
جي آوي جي آگ ۾ پاڻ پچائي پڪل گهڙي واڱر ڳاڙهو ٿي
نکري ٿو. جيئن شاهه جي عورت جبل جاڳي، پهڻ تي پند ڪري
جر جي جانورن جي پرواه نه ڪندي واعدي تي قائم رهندي، مرڻ
گهڙي تائين وصال لاءِ واجهائي ٿي تيئن سالڪ کي به دلبر جي
ديدار لاءِ نفس جي خوفن ۽ خطرن کان پاڻ بچائي، دنيا جي
دولابن کان پاڻ کي دور رکندي عرفان ۽ معرفت جو مقام ماڻڻ
لاءِ من کي ماري مات ڪري ٿو. محبت جو ميدان ماري محبوب
جي ملاقات لاءِ واجهائي ٿو. جيئن عورت جو مرتبو محبت آهي.
تيئن سالڪ جو به مرتبو محبت آهي جيئن ماءُ به محبت ته عورت
زال به محبت عورت جو شيوو محبت آهي تهڙي ريت سالڪ جي
ابتدا به محبت ۽ انتها به، محبت جيئن ته محبت جي ابتڙ ڏک ۽ درد
آهي تيئن عورت ۽ سالڪ کي محبت جي بدلي ڏک ڏوجهرا ٿا
ملن ، جيڪي هنن جي زندگي جو حصو آهن . جي سالڪ ۽ عورت
زندگي ۾ محبت ڪرڻ وقت ڏک ۽ ڏوجهرا نه ملن ته پوءِ هنن جي
زندگي جي اهميت نه رهي. سندن زندگي جي پرک آهي محبت

۽ سندن محبت جي ڪاميابي دل جو درد آهي منڪ ۽ سوز سندن محبت جو سينگار آهي. اهڙي ريت شاهه جون سورميون شاهه جا سالڪ آهن.

جديد مضمون يا مقالا نگاري لاءِ ضروري هوندو آهي ته لکندڙ پنهنجي مضمون يا مقالي بابت لکڻ کان اڳي ذهن ۾ ترتيب مقرر ڪري ۽ ائهيءَ ترتيب کي جديد تحقيق جي اصولن تي ۽ مقالي يا مضمون بابت مواد کي سوچيل ترتيب تحت لکي. جديد مضمون يا مقالي لاءِ اهو به ضروري آهي ته مضمون يا مقالي کي ٽن حصن ۾ ورهائي پوءِ لکيو وڃي. پهرئين حصي ۾ عنوان جي وصف ۽ سمجهاڻي هوندي آهي ۽ ٻئي حصي ۾ انهيءَ سمجهاڻي کي وڌيڪ آسان ڪرڻ لاءِ عملي تجربا يا گذريل وقت جا خاص واقعا مثال طور ڏنا ويندا آهن. اهي انهيءَ ڪري ڏنا ويندا آهن ته جيئن عنوان جي وصف ۽ سمجهاڻي کي شهادتن سان ثابت ڪيو وڃي يا وڌيڪ اثردار ثابت ڪيو وڃي ۽ انهن مثالن جي به هڪ ترتيب هوندي آهي. اها ترتيب هن ريت هوندي آهي يا ته ڪي خاص مثال ڏئي پوءِ عام مثال ڏنا وڃن يا پهريائين عام مثال ڏيئي پوءِ خاص مثال ڏنا وڃن. (from general to Particular or from Particular to general) ٻين لفظن ۾ پهرين خاص واقعا مثال طور ڏنا وڃن، پوءِ عام واقعا يا پهرين عام واقعا مثال طور ڏنا وڃن ۽ پوءِ خاص واقعا ڏنا وڃن.

شهواڻي واري رسالي جي ڏنل ترتيب کي جيڪڏهن نظر ۾ رکندا سين ته اسان کي جديد مقالي يا مضمون واري ترتيب به نظر ايندي. سندس ترتيب ڏنل رسالي جي ابتدائي سر ڪلياڻ کان وٺي سر آسا تائين اها مقالي ۽ مضمون جي ترتيب مڪمل ٿئي ٿي.

يعني ڀهرين پنجن سرن ۾ تصوف جي اصولن، احڪامن ۽ ارڪانن جو مڪمل اپياس ڏنل آهي، جنهن مان تصوف جي علم جي پوري معلومات حاصل ٿئي ٿي. تنهن کان پوءِ سر ڪيڏاري تائين شاهه جا ڏنل سالڪ آهن جيڪي تصوف جي تعليم تي عمل ڪن ٿا ۽ انهن عمل ڪندڙن ۾ هڪڙا ڪا به خطا نٿا ڪن، جهڙا آهن ٻهڙا واهس ٿين ٿا ۽ ٻيا اهي آهن جيڪي تصوف جي تعليم تي عمل ڪندي ڪٿي غلطي ڪن ٿا ۽ انهيءَ جي سزا لوڙين ٿا. آخر ۾ سر آسا شاهه جي تعليم جو نچوڙ آهي، هنن سرن کي جديد اصولن تي مضمون جو ٽيون حصو چئي سگهجي ٿو.

اهڙيءَ ريت شاهه جي ڪلام ۾ ڀهريان پنج سر ۽ سر آسا ۾ شاهه جي حاصل ڪيل تعليم، جيڪا هن حاصل ڪئي، انهيءَ کي پنهنجي پوئلڳن کي ۽ مريدن کي ڏيڻ چاهي، سا ڏنل آهي. سورمن وارن سرن ۾ شاهه جي شخصيت نمايان نظر اچي ٿي اهي سالڪن وارا آزمودا ۽ غلطيون انهن لاءِ آزيون نيزاريون، پڇتاءُ درد ۽ دانهون سندس شخصي آزمودا آهن، جن ۾ اندروني ڪيفيتون ۽ مشاهدا آهن جن کي هن پيش ڪيو آهي ۽ آخرين باقي سر ۾ سندس ڏنل وائتل سندس مشاهدي ۾ آيل اهي شخصيتون، پکي، جانور، جايون آهن جن کي شاهه جي تيز نگاهه ڏٺو، پرکيو ۽ پروڙيو، انهن مان جيڪي نصيحت آميز نڪتا ڪڍيا، سي بيان ڪيا آهن. اهي به سندس آزمودا آهن، پر انهن ۾ سندس شخصيت جا مشاهدا ۽ سندس تعلقات ۽ دلچسپيون نظر اچن ٿيون. تنهن ڪري سندس سڄو ڪلام سندس تعليم، تربيت، سندس شخصي آزمودا ۽ پرکون ۽ سندس ميل ملاقاتن جي هڪ تصوير آهي جيڪا پڙهندڙن جي

اڳيان رکي ٿو. انھيءَ لاءِ ضروري آھي تہ شاھ جي ڪلام جو مطالعو ڪرڻ لاءِ سندس زندگيءَ جي دورن ۽ حالتن جو مڪمل اڀياس ڪيو وڃي تہ جيئن انھيءَ مان شاھ جي شخصيت، سندس تعليم ۽ آزمودا ظاھر ڪري انھن مان سبق حاصل ڪيو وڃي. جيئن تہ ھاڻ شاھ جي زندگي، سندس زندگي جا دور ۽ سندس زندگي دوران ملڪ جون حالتون تاريخن ۾ واضح ٿي چڪيون آھن، تڏھن ڪلام جي نفس مضمون ۽ فڪر کي سمجھڻ قدري آسان ٿي پيو آھي. گربخشاڻي، ڪلياڻ آڏواڻي، شھواڻي وغيره جي ترتيب ڏنل رسالن ۾ کھڻو ڪري سرن جي ترتيب ساڳي آھي جو تہ انھن سرن کي راڳ جي لحاظ کان ۽ مضمون جي لحاظ کان ھڪ سوچيل سمجھيل ترتيب ڏني. جيڪا نفس مضمون جي لحاظ کان وڌيڪ آسان معلوم ٿئي ٿي پر علامہ آءِ.آءِ قاضي شاھ جي ڪلام کي روحاني ارتقا جي لحاظ کان سرن کي ترتيب ڏنو ۽ انھي ۾ سالڪن جي ترتيب ۾ پھرين عام خطائون ڪندڙ سالڪ رکيائين ۽ پوءِ اھي سالڪ رکيا ائين، جيڪي سھڻا ۽ ڪامل ھئا، پر گربخشاڻي علامہ آءِ.آءِ قاضي جي ترتيب جي ابتڙ ترتيب ڏني آھي.

عام طور تي ائين سمجھو وڃي ٿو تہ شاھ عبداللطيف پنھنجي ڪلام ۾ سنڌ جي عشقيہ ڪھاڻين کي بيان ڪيو آھي. جنھن ۾ سنڌ جي تھذيب، تمدن ۽ ثقافت ۽ ڳوٺن ۽ واھڻن، واھين ۽ واھن، درياھن، ٿرن ۽ برن، وڻن ٽڻن، ھر ھڪ ماڳ ۽ مڪان جي عڪاسي ڪئي آھي. ڊاڪٽر گربخشاڻي شاھ جي ڪلام ۾ بيان ٿيل قصن بابت لکي ٿو تہ "ھنن قصن ۽ ڪھاڻين کي خالي آکاڻيون ۽ ڏند ڪٿائون ڪري نہ سمجھڻ کھرجي، منجھن وڏيون تمثيلون

رنيل آهن جن ۾ الاهي اسرار پلتيل آهن، جن ۾ ڳوڙهي روح رهاڻ رچيل آهي، جن جي ذريعي انسان جو من وڃيو رب سان ملي."(١٣)

ساڳي راھ جي پيراندي مرحوم پروفيسر محبوب علي چنا ڪري ٿو ۽ چوي ٿو ته: "شاھ جو هرهڪ قصو ڪنهن نہ ڪنهن روحاني راز ۽ منصوري مام سان پربو پيو آهي ۽ سالڪ حق جي جستجو ڏار ڏار روپن ۾ ٿو ڪري، ڪٿي مومل، ته ڪٿي سهڻي آهي، ته ڪٿي سسئي. حق ۾ ڪٿي راڻو آهي، ته ڪٿي ڇنيسر، ڪٿي ميهار آهي، ته ڪٿي پنهون آهي."(١٤) مطلب ته شاھ جنهن به چيز يا قصي جي اهڃار ڪيو آهي تنهن کي تمثيلي زيب ۽ معنوي سان سينگاريو اٿس. هرهڪ سر ۾ تمثيل جي جهلڪ ائين سمائي پئي آهي جيئن سج ۾ تجلو، چنڊ ۾ چانڊاڻ، گل ۾ سرهاڻ. ٿورن لفظن ۾ انهن چئجي ته ڀٽائي صاحب پنهنجي عالمگيري خيالات احساسات ۽ جذبن جو اهڃار شاعري جي ڏور سان قصن ۽ ڪهاڻين جي تاڃي پيٽي ۾ ويهي سهڻي مٽا سان آتيو آهي. سندس اها آت ظاهر ۾ ڪهاڻين جي ڪردارن جي عشقيہ داستانن جو منظر پيش ڪري ٿي ۽ باطن ۾ انسان جي زندگي جو مقصد ۽ مفهوم تصوف جي اصولن ۽ طريقت جي تسلسل روحاني ترقي جون رمزون بيان ڪيون اٿس.

بهرحال شاھ جي ڪلام تي تحقيق ڪندڙن پنهنجي لکين ۾ قصن ۾ بيان ٿيل روحاني رازن کي پنهنجي پنهنجي سوچ موجب بيان ڪيو آهي جن ۾ خاص ڪري مرحوم مولوي غلام محمد خانزئي پنهنجي ڪتاب " منهاج العاشقين " ۾، ڊاڪٽر گربخشاڻي "مقدمہ لطيفي" ۾، غلام محمد شهواڻي پنهنجي ڪتاب "شاھ جي

رسالي" ۾، پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻي پنهنجي ڪتاب "شاهه" ۾ آنجهاني ڄيٺمل پرسرام سنڌس ڪتاب "شاهه جون آکاڻيون"، پر گهڻو ڪري انهن سڀني جو مدار مرحوم مولوي غلام محمد خانزئي جي پڌايل روحاني رازن تي آهي.

شاهه جي ڪلام ۾ ڪنهن به قصي کي تفصيل سان بيان نه ڪيو ويو آهي. پر جنهن ڳالهه يا حقيقت کي تصوف جي ڪنهن اصول سان هڪندو ڏٺو آهي تنهن کي شعر ۾ اتيو آهي ۽ قصي جي جنهن به ڳالهه يا واقع کي تصوف يا طريقت اصولن سان تعلق رکندڙ نه سمجهو اٿس تنهن کي ڇڏي ڏنو اٿس. ٻين لفظن ۾ شاهه ڪنهن به قصي کي شروع کان آخر تائين بيان نه ڪيو آهي پر رڳو ڪن واقعن ۽ حالتن کي بيان ڪيو آهي انهي مان ظاهر آهي ته شاهه ڪنهن قصي يا ڪهاڻين کي بيان ڪرڻ پنهنجو مقصد نه بنايو رهو. پر قصن جي واقعن حالتن ۽ ڪن ڳالهين کي پنهنجو مقصد سمجهي ۽ انهن کي تمثيل طور بيان ڪيو. جيئن پاڻ چون ٿا ته:

جي تو بيت ڀانئين، سي آيتون آهن،
وڃي من لائين، پريان سندي پار ڏي.

شاهه جي ڪلام جو مقصد ڇا آهي؟ تنهن بابت پروفيسر علي نواز جتوئي لکي ٿو ته "ڀٽ ڌڻي رحمة الله عليه دنيا جي صوفي شاعرن مان هڪ هو. هو سلوڪ جي سڀني منزلن مان مشاهدات ماڻي واصل بالحق ٿي چڪو هو ۽ منڍ ۾ ڏي مجازي محبت جي مهميز کيس بيخود بنايو ۽ جذبات کي جاڳايو، جن سندن سيني شعر جي سلن کي اڀاريو. ان شعر ذريعي شاهه صاحب پنهنجي ڪيفيات ۽ واردات جو اظهار ڪندو رهيو، جن ۾ رندي راز آهن."(١٠٥)

ڊاڪٽر بلوچ لکي ٿو ته: ”ڀٽائي جي همه گير خيالن ۾ تصوف جي ڳوڙهن نڪتن روح اسلام جي حقيقت، محبت جي رازن، عشق الاهي اسرارن، حياتي ۽ موت جي فلسفي توڙي علم ۽ فڪر جي ٻين نظرين متعلق به اهي اهم اشارا موجود آهن.“ (١٠)

شاهه جي ڪلام جي باقي جن ڇئن سرن جو ذڪر هن ڪان اڳي نه ڪيو ويو آهي سي آهن سر سارنگ، سر ڪاموڏ، سر سورٺ، ۽ سر ڪيڏارو. انهن ڇئني سرن جو مضمون ڪنهن نه ڪنهن طرح سان مٿين سلسلي ۾ نه اچي سگهيو آهي ڇو ته ر سارنگ ۾ الله تعاليٰ جي رحمت جو ذڪر آهي جنهن جي ڪري دنيا ۾ سک ۽ آرام ٿئي ٿو سڪل وڻن ۽ ٽڻ ۽ زمين سرسبز ۽ ساوي ٿئي ٿي ماڻهون مرگهه مينهون پکي پکڻ ۽ جر جا جانور پرسپون به انهيءَ رحمت جي آسري تي عونديون آهن ۽ اها رحمت هئي جنهن دنيا مان جهالت ختم ڪئي ۽ دنيا ۾ نبين جي آمد ٿي ۽ انهيءَ آمد جي سلسلي جو آخرين نبي حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم جن هئا. جنهن جو ذڪر شاهه سر ڪاموڏ ۾ ڪيو آهي. هي سر سڄوئي رسول ڪريم جن جي ساراهه ۽ واکاڻ ۾ بيان ڪيو ويو آهي. جنهن ۾ نوري تي سيني ڪان گهڻي نوازش ٿي آهي ۽ رسول ڪريم جن جي اچڻ ڪان پوءِ ڪفر جي ڪوٽ جا ڪنگرا ڪريا عربستان مان بت پرستي ۽ جهالت جو خاتمون ٿيو ۽ دنيا ۾ الله جي رحمت جي بارش آمن ۽ آسودگي آندي انهيءَ جو ذڪر سر سورٺ ۾ ڪيو ويو آهي هن سر جو آخري بيت آهي ته:

سورٺ مٿي سک ٿئو، خيما ڪنيا ڪنگهار،
نه ڪو راڳ، نه روپ ڪو، نه ڪا تند تنوار،
تهان پوءِ مڱڻهار، ڏنو سر ڏياج ڪي.

هن سلسلي جو آخري سر ڪيڏارو آهي جنهن ۾ اسلام جي بقا لاءِ امامن سر ڏنو ۽ ڪفر جي اڳيان نہ جهڪيا ۽ سچ جي راهہ تي سور ۽ سختيون سهي شهادت اختيار ڪيائون ۽ رسول جي اولاد اسلام جو جهنڊو بلند ڪندي دين ڪي نہ وڪيو ۽ هميشہ لاءِ اسلام جي عظمت ڪي قائم رکيو اهڙي ريت هي چار ئي سر الله جي رحمت ۽ رسول ڪريم جن جي آمد ڪفر جو خاتمون ۽ اسلام جي بقا جو سبق ڏين ٿا ۽ الهيءَ سان شاهہ جي رسول ڪريم جن لاءِ محبت ۽ عقيدت جو اظهار بہ ٿئي ٿو.

اهڙيءَ ريت شاهہ جي ڪلام جي سرن جي ترتيب هن ريت ٿي سگهي ٿي.

الف- اسلام سان عقيدت رسول ڪريم جن سان محبت

(1) سر سارنگ (الله جي رحمت)

(2) سر ڪاموڏ (رسول ڪريم جي آمد)

(3) سر سورٺ (اسلام جي آمد ڪفر جو خاتمون)

(4) سر ڪيڏارو (اسلام جي بقا)

ب- ورثو (Hereditary)

(1) سر ڪلياڻ

(2) سر يمن ڪلياڻ

(٣) سر ڪنڀات

(4) سر سريراڳ

(5) سر سامونڊي

(6) سر آسا (شاهہ جي ڪلام جو مرڪزي خيال يا نچوڙ)

(ت) شاهہ جا سالڪ Personality

(1) سهڻي (عمل سهڻو سالڪ جيڪو دين ۽ دنيا سان پورو رهي ٿو)

(2) مارئي (اهو سالڪ جيڪو ڀهڙو آيو آهي اهڙوئي واپس ٿئي ٿو)

(3) سسئي (پنج سر) (غافل سالڪ ۽ غفلت جي سزا ڀوڳي ٿو)

(4) مومل راڻو (هن ۾ آتي طالب ۽ سالڪ وڏيڪ محبت ۽ سڪ ۽ اعتماد ڪري غفلت ڪري ٿو)

(5) ليلا چنيسر (دنيوي لالچ ۾ اچي غفلت ڪندڙ سالڪ)

(6) سر گهاتو (اهو سالڪ جيڪو عقل جي مدد سان نفس کي فنايت ڏيئي ٿو)

(ث) شاهه جا آزمودا ۽ مشاهدا ماڻهن پکين جيتن ۽ جانورن بابت

(1) سر رپ

(2) سر ڪاموڙي

(3) سر بروو سنڌي

(4) سر رامڪلي

(5) سر ڪاپائتي

(6) سر پورب

(7) سر ڪارايل

(8) سر پرڀاتي

(9) سر ڏهر

(10) سر بلاول

سنڌ جي سدا حيات شاعر شاهه عبداللطيف جي زندگي جو مقصد حق ۽ حقيقت جي تلاش هو ۽ انهي ڪري هن پنهنجي ڪلام کي حق ۽ حقيقت جي تلاش جو آئينو بڻايو ته جئين سندس ڪلام نه فقط اصلاحي هجي پر انهي پيغام جو ذريعو

پڻ ٻڌجي ۽ انهي پيغام کي نہ رڳو زباني بيان ڪيو ويو ۽ مريدن ۽ پوئلڳن کي نصيحت طور ٻڌايو ويو پر هو راڳيندڙن جي ذريعي موثر نموني عام ماڻهن تائين بہ پهچايو ويو. انهي جو خاص ثبوت سندس بيت ۽ وايون آهن جيڪي خالص انهي محبت ۽ قرب حاصل ڪرڻ وارن لاءِ سڪ واري جذبي ۽ وجداني ڪيفيت سان ڀرپور آهن.

شاهه صاحب سيلاني هو هن سڄي سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ جو سفر ڪيو سنڌ جي پٽن، ڀاڙن، دريائن ۽ ميدانن تي گهميو ۽ ڳوٺن ۽ ڳوٺائن سان ملاقاتون ڪيون، سنڌ جي عام ماڻهن سان ملاقاتون ڪيون، سنڌ جي عام ۽ خاص ماڻهن سان روح رهاڻيون ڪيون. شاهه عبداللطيف سنڌ جي نہ رڳو هم عصرن درويشن ۽ عالمن جي ڪلام ۽ قولن کان واقف هو، پر ماضي جي هر عالم شاعر ۽ درويش جي ڏنل درس کان بہ واقف هو جيئن قاضي قاضن، شاهه ڪريم، شاهه عنايت، عبدالحق، مخدوم محمد زمان لنواري محمد هاشم ٺٽوي، سيوهڻ توڙي نصرپور، ٺٽي توڙي ڪنڊڙي تي سنڌ اتر توڙي لاڙ جي هر ڪنهن عالم ۽ اديب جي ڏنل پيغام کان واقف هو سندس ڪلام مان اهو بہ اندازو لڳائبي سگهجي ٿو تہ شاهه نہ رڳو سنڌ جي عالمن ۽ درويشن جي صحبت ۽ نصيحت حاصل ڪئي پر سنڌ کان ٻاهر وارن عالمن ۽ درويشن جي ڪلام کان بہ چڱي طرح واقفيت هئي. جيئن ڪبير، دادو ديال، رومي، حافظ جهڙن عارفن جو بہ هن تي اثر هو. شاهه انهي جي ڪلام مان نہ رڳو پنهنجي روحاني راحت حاصل ڪرڻ لاءِ مطالعو ڪيو هو پر انهي مان جيڪو فيض پاڻ حاصل ڪيائون انهي کي انسان ذات جي ڀلائي ۽ رهنمائي لاءِ بہ عام انسانن تائين پهچائڻ خاطر

پنهنجي بيتن ۽ واين ۾ انهن جو ڪلام حوالي طور پيش ڪيو. اهو ڪلام فقيرن ڳائڻ جي مدد سان ڪچهري ۽ محفلن ۾ ڳايو ويو ته جيئن اهو فيض نه رڳو مريدن ۽ خادمن تائين پهچي پر اهو محبت جو پيغام عام ماڻهن تائين به پهچي. انهي سان شاهه جو مقصد هو ته ڪلام پڙهندڙ سندس ڏنل تعليم ۽ هدايت تي عمل ڪن ۽ زندگي الله جي احڪامن ۽ ياد ۾ گذارين انهي لاءِ چيو اٿن ته:

جي تون بيت ڀانئين ، سي آيتون آهين
وڃو من لاهين ، پريان سندي پچري.

شاهه جو انهي سان مقصد اهو به هو ته هو عام ماڻهن کي سمجهائي ته سندن زندگي جو مقصد ڇا آهي ۽ انسان کي الله جي اڳيان اطاعت ۽ محبت سان سندس احڪام پورا ڪرڻ گهرجن . انهي لاءِ ته دين انسان کي اطاعت سيکاري ٿو ٻين لفظن ۾ انسان کي انهي احڪامن جو پابند بنائي جئن شاهه صاحب فرمائي ٿو ته:

روزا نمازون اي پڻ چڱو ڪم
اوڪو ٻيو فهم، جنهن سان پسجي پرين کي.

اهو فهم جنهن سان الله کي پسجي ٿو اهو ٻيو آهي. ڇو ته شريعت تي عمل ڪرڻ احڪامن جي پيروي آهي پر الله سان قرب وڌائڻ لاءِ دل ۾ هر عمل محبت سان سرانجام ڏيڻو آهي. اهو ڪم طريقت جي دائري ۾ اچي ٿو. انهي لاءِ هيءَ مثال ٿي سگهي ٿو ته شريعت تي عمل ڪندي انسان ديني احڪام جيڪي قرآن ۽ حديث لازمي ڪيا آهن ، انهن جو پورائو ٿو ڪري ۽ اهڙي ريت شريعت انسان کي رڳو حڪمن جي بجا آوري

ڪرائي ٿي جيڪي اسان لاءِ فرض ڪيا ويا آهن . ٻُر حڪمن جي بجا آوري سان گڏ الله تعاليٰ سان محبت ۽ دل ۾ پيدا ڪئي وڃي جو ته نفس کي قبضي ۾ رکڻ ته ضروري هوندو آهي پر انهي سان احڪام ڏيندڙ سان محبت رکڻ ۽ ضروري آهي ته جيئن انهي لاءِ قرباني ڏيئي سگهجي. هتي الله جي راه ۾ الله جي احڪامن کي پورو ڪندي نه رڳو پابندي ڪرڻي پوي ٿي پر تن من ڌن سڀني کي قربان ڪرڻو پوي ٿو. تصوف ۾ جيڪڏهن تن من ڌن يعني تنهنجي منهنجي ۽ دنيا جي ڪنهن ۽ لالچ دل ۾ جڳهه ورتي ته پوءِ الله تعاليٰ جي محبت جي جاءِ قلب ۾ نٿي رهي. تنهن ڪري الله جي محبت جي لاءِ دل سان يا قلب سان تن من ۽ ڌن جي محبت کي ڪيڏو پوندو جو ته :

پن ٽراڙن جاءِ ناهي هڪ مياڻ ۾

محبت هڪ ٿي شيءِ جي رکڻي آهي يا دنيا يا دين يا الله يا غيرالله تنهن ڪري الله جي مخلوق جي خدمت ۽ تڏهن ڪري سگهجي ٿي جڏهن دنيا جي لالچ کي ڇڏي نفس کي فنا ڪري ۽ اهي ٻئي ڳالهيون الله تعاليٰ سان محبت ڪرڻ کان پوءِ سرانجام ڏيئي سگهجن ٿيون جئين شاهه سائين چوي ٿو ته:-

چاڻت پاڻي چت ۾ ، سنهو ڪتيو جن،
تن جو صرافن، دڪو داخل نه ڪيو.
محبت پاڻي من ۾، رنڊا روڙيا جن،
تن جو صرافن ، اڻ توريو اکهايو.

جيئن هي دنيا محبت جو مقام آهي هن دنيا جو وجود محبت جو نتيجو آهي ۽ هتي هر ڳالهه ۾ محبت هي محبت آهي تڏهن

دنيا جي خالق سان محبت کان سواء ڪهڙي ڳالهه آهي جيڪا قرب وڌائي سگهي ٿي. الله جو قرب حاصل ڪرڻ لاء الله جي احڪامن جي پيروي محبت سان سرانجام ڏيڻ گهرجي. انهي لاء عملي مثال هي ٿي سگهي ٿو ته: سمجهو ته، ٽن سپاهين کي ڪنهن مهم تي موڪليو وڃي ٿو ڪين سواري لاء گهوڙا به ڏنا وڃن ٿا ۽ مهم کي پوري ڪرڻ لاء وقت ڏنو وڃي ٿو (مهم دنيا ۾ انسان جو اچڻ آهي گهوڙي سواري لاء جسم آهي ۽ وقت انسان جي ڄمڻ کان مرڻ تائين زندگي آهي جيڪا مقرر آهي) پر هڪ سپاهي حڪم جي بجا آوري نٿو ڪري رستي ۾ آرام آسائش ڪري وقت وڃائي مهم کي پوري ڪرڻ کان اڳي واپس ٿئي ٿو. ٻيو اهو سپاهي آهي جيڪو حڪم جي پيروي ڪندي وقت کان اڳي پنهنجي مهم کي پورو ڪري ٿو. ٽيون اهو سپاهي آهي جيڪو حڪم جي پيروي به ڪري ٿو وقت جي اندر مهم مڪمل ڪري ٿو پر انهي سان گڏ وفاداري ڪندي قرباني به ڏيئي ٿو ۽ ثابت ڪري ٿو ته حڪم ڏيندڙ نه رڳو حڪم جي پيروي ڪري ٿو پر جي جان به وڃي ته ڏيڻ لاء تيار آهي. هاڻ جڏهن ٽيئي سپاهي مهم جي وقت پوري ٿيڻ وقت مالڪ جي اڳيان اينda تڏهن انهن ٽنهي جي حالت ڇا هوندي آهي. هڪ اهو جيڪو نه پوري ڪرڻ ڪري ڏوهاري آهي ٻيو اهو جيڪو حڪم پورو ڪري ٿو پر رڳو حڪم جي بجا آوري ڪري ٿو جيڪو هن جو فرض آهي. ٽيون اهو جو فرض پورو ڪري ٿو پر فرض پوري ڪرڻ وقت جان جي قرباني به ڏئي ٿو. اها قرباني به خوشيءَ سک ۽ محبت جي جذبي سان. ته پوءِ اهو خود به خود اندازو ٿئي ٿو ته ڪهڙي سپاهي سان حڪم ڏيندڙ محبت ڪري سگهي ٿو ڪهڙي سپاهي

جو مان ۽ مرتبو حاڪم وٽ هوندو. انهي لاءِ شاهه چوي ٿو ته روزا نمازون اهو پڻ چڱو ڪم آهي ۽ انهي سان الله جي حڪم جي پيروي ٿئي ٿي، پر جيڪڏهن اُنهه سان محبت ۽ قرب جا طلب گار آهيون ته الله جي هر حڪم جي تڪميل ڪي محبت سان سرانجام ڏيون پوءِ انهي ۾ ڪا ڪوتاهي به ٿي ته به اها معاف ٿيندي. تنهن ڪري انين چوڻ غلط نه ٿيندو ته شريعت الله جي احڪامن جي پيروي ڪرائي ٿي ۽ تصوف اها پيروي محبت سان سرانجام ڏياري ٿو جو ته سالڪ جي اندر ۾ انهي جي محبت ٿي پريل هوندي آهي.

جڏهن ته الله محبوب آهي سندس هر ڳالهه ۾ محبت جو پيغام آهي ته پوءِ گهرجي محبت ٿي ۽ سالڪ پنهنجي منزل به تڏهن حاصل ڪندو جڏهن اندر ۾ محبت جو مچ ٻاريندو، پتنگ وانگر پاڻ پچائيندو. جيئن شاهه سائين فرمائي ٿو ته:

محبت جي ميدان ۾، اچي پير پٺان
سر وڍڻ ڌڙ ڌار ڌرڻ، اي سينگار سندان،
ڏهندا مون ڏاڍان، متا محبو بن لئي.

محبت جي ميدان ۾، ڪنڌي پوءِ ڪاهي،
چڏ آسانگا ارواح جا، لاهوتي لاهي،
عشق نانگ آهي، خبر ڪاڏن ڪي پوي.

هر زبان جي ڪلاسيڪي شاعر پنهنجي دور جي تاريخ ڪي پيش ڪيو آهي. هن جي تاريخ جا ماخذ ۽ پس منظر ملڪي حالتون روايتون تهذيب تمدن هوندو آهي، ۽ هي پنهنجي دور جي تاريخ

ڪري پيش ڪندي انهي وقت جي عالمن ۽ محققن راءِ ڏني ٿو. اها راءِ هن جي ذهني ۽ فڪري سوچ کي ظاهر ڪندي آهي. ٻين لفظن ۾ اهو داخلي احساس ۽ جذبن تي ٻي ٻاهرين خارجي حالتن ۽ واقعن جو اثر هوندو آهي جيڪو ٽڪراءَ جي صورت ۾ ٻاهر اچي ٿو يا ائين چئجي ته اهو ٻهرين مشاهدن جو اندر جي احساسن سان ٽڪراءُ هوندو آهي جيڪو لفظن جي صورت ۾ ظاهر ٿي شاعر جي زبان تي اچي ٿو. ٿورن لفظن ۾ ائين چئجي ته شاعر جيڪي ڪجهه پنهنجي شاعري ۾ ڏني ٿو اهو سندس چوطرف جو ماحول سماج، تهذيب ۽ سماج ۾ رهندڙ زندگيون هونديون آهن جيڪي شاعر جي احساس ۽ جذبن ۾ رنگجي نئين صورت وٺي وڌيڪ جاذب، وڌيڪ وڻندڙ، موهيندڙ صاف ۽ ڪشش رکندڙ ٿي ظاهر ٿين ٿيون.

شاعر جي پسند جون جيڪي به زندگيون هونديون آهن اهي هن جون سورميون يا سورما هوندا آهن ۽ اهي سندس احساسن ۽ جذبن کي منظر عام تي آڻين ٿا يا اهي سندس فڪر ۽ سوچ جي رنگ ۾ رنگجي هڪ خوبصورت عورت ۽ مرد جي شڪل ۾ ظاهر ٿين ٿا. شاهه صاحب پنهنجي اندر جي ٽڪراءَ کي پيش ڪرڻ لاءِ جن خوبصورت شڪلن کي چونڊيو ۽ جن کي پنهنجون سورميون ۽ سورما بنايو آهي سي سنڌ جون اڳئي پروڙيل ۽ تصور ۾ موجود هيون. اهي سڀ جون پتليون محبت جون ماريون هرهنڌ تي قربان ٿيڻ لاءِ تيار آهن. انهن لاءِ سنڌ وارن وٽ همدردي محبت ۽ پنهنجائپ وارو رويو موجود هو ۽ اهي سورميون يا سورما پنهنجي وقت جي حالتن مان اپري نڪتل هئا جن ۾ انهيءَ دور جي مجموعي احساس ۽ نفسياتي ڪيفيتن جو رنگ پريل هو جيڪي پنهنجي دور ۽ حالتن جي اثرن

ڪري وقت جي اپرندڙ اجتماعي جذبن ۾ نهڪيل هئا جيئن ته اهي ڪردار پنهنجن مجموعي حالتن ۽ جذبن سان، شاهه جي جذبن ۽ شاهه جي دور جي حالتن سان هم آهنگ هئا تنهن ڪري انهن سورمن ۽ سورمين ۾ پنهنجو تصوراتي ، انهن جي اوٽ ۾ پنهنجي جذبن ۽ احساسن جي ٽڪراءَ کي پيش ڪيو ۽ انهن ڪردارن کي اهڙو ته پنهنجي فڪر جو رنگ چاڙهيو جو اهي ڪردار نيم تاريخي قصن سان نڪري رومانوي رنگ ڦنائي تصوف جي سونهري تارن ۾ مڙهجي شاهه جا جدا جدا روپ بنجي سنڌ وارن جي ذهنن تي حڪومت ڪرڻ لڳا آهن. اهڙي ريت هڪ طرف اهي پنهنجي نالن جي ڪري تاريخي ۽ رومانوي رهيا ٻئي پاسي اهي جذبن ۽ احساسن ۽ روين جي ڪري سنڌس عملي سلوڪ جي ساز ۾ جذب ٿي شاهه جون نصيحتون ۽ مثال ٿي پيا آهن . شاهه جو هر ڪردار اخلاقي توڙي جذباتي لحاظ کان سلوڪ جي ساز وانگر وڄندو رهي ٿو، اهي ڪردار سماجي ۽ تهذيبي تمدني لحاظ کان سنڌ جي عوام جا ڳهڻا آهن انهن تي سوٽن جو جڙاءُ، انهن تي ميناڪاري، انهن ۾ کهڙت جا گل، سنڌ جي سر زمين جا پوکيل پوتا ۽ پن آهن جن کي هر سنڌي سچائي ٿو سندن سچائپ پنهنجائي ڪري سگهن ٿا

۽ انهن ڪردارن جي مٿان جيڪو سلوڪ جو سور ۽ گدار آهي مٿن جيڪو فڪر جو فهم نظر اچي ٿو اهو شاهه جي اندر جي زبان آهي اها شاهه جي تعليم جي تصديق اهو شاهه جو نصيحت ڀريل نعرو جيڪو هر ڪردار کان هڻائي ٿو اهو آواز سنڌين جو پڌل سٺل آهي جنهن کي شاهه وري وري ورجايو آهي، ٻين لفظن ۾ شاهه جا ڪردار شاهه جو عقيدو ۽ آزمودي جو نچوڙ آهن جن سان هي محبت ڪري ٿو جن کي هو پاڻ محسوس ڪري ٿو .

شاهه جا ڪردار جڏهن شاهه جي ڪلام ۾ عملي طور نظر اچن ٿا ته پوءِ اهي ڪردار نه پر شاهه خود نظر اچي ٿو يا ائين چئون ته شاهه جا ڪردار شاهه جي شخصيت سان ايترو هم‌آهنگ ٿي ويا آهن جو شاهه خود انهن ڪردارن ۾ ظاهر نظر اچي ٿو. شاهه جون اميدون، شاهه جا آسرا، شاهه جون تمنائون، تصور، شاهه جا خواب خواهشون، امنگ ۽ ارمان، هر ڪردار ۾ اهڙي ريت ته جذب ٿي ويا آهن جو اهي شاهه جي شخصيت بنجي ويا آهن ۽ شاهه جو شاعرانو فڪر، سوچ ۽ عمل جو پوروصاف ۽ چٽو تفصيل انهن ڪردارن جي عمل ۾ سمايل آهي تنهنڪري سندس ڪردار هڪ طرف سنڌ جا رومانوي ڪردار آهن ٻئي طرف سنڌ جي تهذيب ۽ تمدن ۽ ثقافت جا گهوارا، ٽئين طرف شاهه جي فڪر ۽ سوچ جو خزانو آهن.

شاهه جي فڪر ۽ سوچ کي نظر ۾ رکندي جي اسين شاهه جي ڪلام جو مطالعو ڪنداسين ته معلوم ٿيندو ته شاهه جا ڪردار هڪ اهڃاڻي (Symbolic) حيثيت به رکن ٿا. جو ته شاهه جا ڪردار سندس جذبن، احساسن ۽ آزمودن سان نڪتل جيئرا جاڳندا انسان معلوم ٿين ٿا، جيڪي هڪ طرف شاهه جي شخصيت کي اجاگر ڪن ٿا، ٻئي طرف پنهنجي تاريخي ڪردارن واري شخصيت سمائين ٿا، تنهنڪري اهي ڪردار شاهه جا تصور به آهن.

حضرت شاهه جيئن ته هڪ سچو صوفي هو تنهنڪري سندس پورو ڪلام تصوف يعني صوفي طريقت ۽ ان جي رمزن ۽ رازن سان سينگاريل ۽ سنواريل آهي. جيئن ته انسان جي ناقصائيءَ جو ڪارڻ هن دنيا جا حرص ۽ هوس آهن، تنهن ڪري شاهه صاحب صوفين کي هن طريقت جي رازن ۽ رمزن کان واقف ڪرڻ لاءِ اهي

قول ٻڌايا آهن, ته جيئن انسان پنهنجي پاند کي ڀسائڻ کان بچائي سگهي. جيئن سر آسا ۾ چوي ٿو ته:

مون کي مون ڀرين، ٻڌي وڌو ٻار ۾،
اڀا انين چون، مچڻ پاند ڀسائين. (سر آسا)

يعني خدا تعاليٰ انسان کان ڪيل واعدو پورو ڪرائڻ لاءِ، آزمائش ۽ امتحان وٺڻ لاءِ هن کي هن دنيا جي اسبابن يعني حرص ۽ هوس ۾ وجهي ۽ ارشاد ڪيو ته پاڻ کي بچاءِ، نفس جي چنبي ۾ نه اچ، ۽ اهڙو طريقو هٿ ڪر جو هن دنيا جي پليد پاڻيءَ ۾ پنهنجو نه پاند ڀساءِ. يعني هن نفساني خواهشن واري دنيا جي دلبي ۾ اچي پاڻ کي بچاءِ ۽ بچائڻ لاءِ اپاءُ ڏسي ٿو ته:

ڪر طريقت تڪيو، شريعت سڃاڻ،
هنيون حقيقت هير تون، ماڳ معرفت جاڻ،
هوءِ ثابوتي ساڻ، ته ڀسڻ کان پالهو رهين. (سر آسا)

وري ٻئي بيت ۾ چوي ٿو ته اڃا به آسان طريقو انهيءَ پاڻي کان بچڻ لاءِ پيو به آهي جو هي آهي ته:

ڪوڙي ڪم ۾ ڪڌهين، ڦڪي پائنج ڦانگ،
ساري سنامن جي، لائق رکج لانگ،
ته چار ئي چني پاند، اوسا ڳنهي اڪرين.

شاهه پنهنجي ڪلام ۾، سالڪ کي اندروني توڙي بيروني خطرن کان پاڻ بچائڻ جي هدايت ٿو ڪري، جو ته سالڪ لاءِ دنيا ۽ ان جا تعلقات هن لاءِ بيروني خطرا آهن. جيئن سهڻيءَ لاءِ دريا ۽ ان جون موجون، ڪُنن جا ڪڙڪا، طوفاني رات جي دهشت، جر جي جانورن جا خطرا هن لاءِ محبوب جي ميلاپ لاءِ رڪاوٽون

هيون ۽ جيئن سالڪ لاءِ نفس ۽ نفساني خواهشون ۽ وسوسا هن لاءِ اندروني خطرا آهن ، تيئن سهڻيءَ لاءِ ڏم جا ڏک هن جي اندر لاءِ ڏولاها هئا . اهي ٻئي ڪيفيتون سالڪ ڪي منزل راهه تي هلڻ ڪان (يعني الله سان قرب وڏائڻ ۾) گمراهه ڪن ٿيون ۽ انهن اندروني توڙي بيروني آفتن ڪان سالڪ ڪي بچڻ لاءِ پاڻ فنا ڪرڻو پوندو آهي ۽ اهو ٿي انهن آفتن ۽ رڪاوٽن تي حاوي پوڻ جو بهتر رستو آهي ، جنهن سان سالڪ ڪي پنهنجي محبوب جو درلڀ ديدار نصيب ٿئي ٿو. سالڪ ڪي اندروني ۽ بيروني رڪاوٽن ڪي روڪڻ لاءِ وسيلا درڪار آهن ، جن جي واهر ۽ وسيلي سان نهو رڪاوٽن ڪي دفع ڪري ٿو ۽ سر سهڻي ۾ ، سهڻي ڏنيءَ در جيڪي التجائون ڪيون، تن ڏم ڪي اکهور ننڊ ڏني ، يعني قدرتي طور سهڻيءَ ڪي مدد ملي ، يعني نفس تي مڪمل ضابطو.رب جي رضا سان ٿي سگهي ٿو ، ۽ رب جي رضا لاءِ ضروري آهي ته ڪنهن ڪامل مرشد ڪان وسيلو ۽ هدايت هٿ ڪجي . جيئن سهڻي ڪنڀار ڪان ۽ڪو گهڙو هٿ ڪري ، انهيءَ جي وسيلي هر روز ميهار وٽ ويندي هئي . ٻين لفظن ۾ سالڪ ڪي مرشد جي رهنمائي ۾ عقل، عبادت ۽ رياضت جي مدد سان نفس تي قابو ڪرڻ گهرجي .

ٿورن لفظن ۾ ائين چئجي ته شاهه پاڻ لڪائي پنهنجي سورمن ۽ سورمين جي زباني سالڪن لاءِ هدايت پيش ڪري ٿو ۽ سالڪن جا مثال ڏيئي عملي طور ثابت ڪري ٿو ته تصوف جي پانڌيئڙن ڪي ڪهڙيون ڪهڙيون مشڪلاتون درپيش اچي سگهن ٿيون ۽ ڪهڙيون ڪهڙيون خطائون ٿي سگهن ٿيون ۽ ڪيئن انهن لاءِ معافي ملي سگهي ٿي ۽ اهڙي ريت شاهه جي هر سر ۾ ، پيش ٿيل سالڪ جو مقام الڳ الڳ آهي جنهن ڪي ترتيب ڏيڻ ضروري آهي .

حوالا

(١) فيروزاللغات ، فيروز سنز لميٽڊ ، لاهور، ص ٩٩٧
(٢) شاهه جي رسالي جي ترتيب ، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ ، شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه مرڪز حيدرآباد ١٩٧٣ ، ص ١٢
(٣) ايضاً ص ، ١٣
(٤) رسالو شاهه عبداللطيف، مرتب علامه آءِ آءِ قاضي ١٩٨١ ص، ب
(٥) تاريخ ادب اردو ، ڊاڪٽر جميل جالبي جلد اول مجلس ترقي ادب لاهور ١٩٨٤ ص ١٠٥
(٦) ايضاً ص ١٠٧
(٧) ايضاً ص ١١٠
(٨) لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ. ڊاڪٽر غلام علي الانا، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي يونيورسٽي آف سنڌ ص ١٧٣
(٩) تاريخ ادب اردو ص ١١٠
(١٠) ايضاً ص ١١٠
(١١) ص ١١٠
(١٢) شاهه جون سورميون . نارائڻ داس ميور رام ڀمباڻي سنڌي ڪتاب گهر حيدرآباد ص ١٢١
(١٣) لطيف . مرتبه اسماعيل خواجه، محڪمه اطلاعات ڪراچي ص ١٣
(١٤) ايضاً ص ٣٢
(١٥) ايضاً ص ١٥
(١٦) ايضاً ص ١٣